# لذت گناه

افسانن جو مجموعو

قيمت ٢-٠-٠

مصنف

آغا شاهين

ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم

محمد يوسف اينڊ برادرس
پبلشرس بڪسيلرس اسٽيشنرس
شاهي بزار حيدرآباد سنڌ

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

# ؟—

"پيش لفظ" "ڏيباچو" وغيره جي عنوان سان ناٽ لکڻ يا پنهنجي ڪتابن دوستن کان لکرائڻ هڪ رواج ٿي ويو آهي ۽ انهيءَ رواج کي پوري ڪرڻ لاءِ ٿي آءٌ به "ڪجهه" لکي رهيو آهيان. ۽ انهيءَ "ڪجهه" کي اوهين منهنجن افسانن جي تعريف سمجهو يا منهنجي ساري ادبي دنيا جو تعارف.

پهريون مون آغا عباسيءَ جي روپ ۾ افسانا لکيا ۽ ان ئي نالي سان مون هڪ افسانو بعنوان "شڪست ساز" لکيو جيڪو رسالي فردوس جي فيبروري ١٩٥١ع ۾ شايع ٿيو. ان افساني کي ايڊيٽر صاحب پنهنجي غير معمولي قابليت جي مظاهري لاءِ مجروح ڪري ڇڏيو. ۽ انهيءَ ڏينهن کان پوءِ مون رسالن ۾ پنهنجا افسانا موڪلڻ ئي ڇڏي ڏنا. شايد منهنجي افسانوي دنيا ۾ اچڻ جي آرزوئن جهان ناڪاميءَ جي آغوش ۾ دم توڙي ڇڏي ها. پر معصوم عباسيءَ صاحب مون کي ان واديءَ ۾ دليءَ سان قدم رکڻ لئي مجبور ڪيو. منهنجي انهيءَ مجروح افساني کي پڙهي ئي معصوم صاحب مونکي انهن افسانن جي مجموعي کي اوجالڻ

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

اڳيان پيش ڪرڻ تي مجبور ڪيو. جيڪي افسانا پڙهون
محض فائيل جي زينت هوا.

منهنجا ڪجهه افسانا منهنجي زندگي سان وابسته
آهن ۽ ڪجهه منهنجن انهن دوستن جي زندگيءَ سان
جيڪي سارو ڏينهن موالسان گڏ آهن.

مون پنهنجن افسانن ۾ اڄڪلهه جي ''خوددارن''
جي خوديءَ جو ''عاشقن'' جي عشق جي مذاق اڏائڻ
جي ڪوشش ڪئي آهي.

مون پنهنجي افسانن مان خاص ڪري ''الدسه گناه''
''سنگ سياه'' ۽ ''ٽوپ'' محض پنهنجي دوستن تي
طنز ڪرڻ لاءِ لکيا آهن.

مون هر قسم جي افسانن لکڻ جي ڪوشش ڪئي
آهي- ٻر مولڪي پنهنجن سڀني افسانن مان طنزيه وڌيڪ
پسند آهن. اصلاحي افسانا لکڻ جي ڪوشش ڪندو
آهيان پر آءٌ پنهنجي طبيعت کان اها بي پرواهي،
آوارگي ۽ ٽوڪ رٽي دور اڄو ڪري سگهان ها اصلاحي
افسانن لکڻ وقت منهنجي آڏو ايندي آهي.

لکڻ ته گهڻو ڪجهه ٿو چاهيان- پر او هين پڙهڻ
ڪجهه ٻ ڏ ٿا چاهيو- ؟

آغا شاهين

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

# انتساب

سماج جي ڪوڙي رسم و رواج ڪان
مجبور ٿي- هميشه جي لاءِ آرام
جي ننڊ سمهندڙ معصوم ۽
بي گناه، گنهگار شيلا جي
ناءِ معنون ٿو ڪريان.
جيڪا منهنجي هن
ڪتاب کي
ڪڏهن نہ
پڙهي
سگهندي

آغا شاهين

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ:-

محمد يوسف اينڊ برادرس

پبلشرس بڪسيلرس اينڊ اسٽيشنرس

حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ:-

عبدالرسول نور محمد شيخ (اڪوائي)

فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

# فهرست مضامين

لذت گناه

سنگ سياه

غلط فهمي

باغي اديب

ٽڙپ

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

نهين تيرا نشيمن قصر سلطاني ڪي گنبد پر
تو ”شاهين“ هي بسيرا ڪر پهاڙون ڪي چٽانون مين

( اقبال )

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

# لذت گناهه

قلم کي آڱرين جي ڪرت ۾ جهلي افسانو لکڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان.

سوچيان ٿو ته ـــــــ ڇا لکان ـــــــ؟

سامهون ٽيبل تي رکيل شمع جي جهڪي روشني هوا جي ڪمزور جهوٽن سبب ٽڪي رهي آهي. ۽ الهيءَ ٽمڪندڙ روشنيءَ جي گرد ۾ چار جانب اڏار پروانا موت ۽ خوشيءَ جو وصال ناچ نچي رهيا آهن. ٻلندڙ شمع جي ڏڪندڙ شعلي جو عڪس منهنجي سامهون رکيل سفيد منتظر ڪاغذن تي پئجي رهيو آهي. جن سفيد ڪاغذن تي ٿوري دير کان پوءِ افسانو چٽيل هوندو. ۽ آءٌ قلم کي پنهنجي آڱرين جي ڪرت ۾ جهلي افسانو لکڻ سوچي رهيو آهيان.

سوچيان ٿو ته ـــــــ ڇا لکان ـــــــ؟

هونءَ ته مون کي پنهنجي گرد و پيش افسانا ئي افسانا نظر اچي رهيا آهن. پر آءٌ اهي افسانا لکڻ

ڏسڻ چاهيان. آءٌ محض من گهڙت ۽ تخيل جي تخليق
ڪيل افسانا لکي، دنيا وارن جي دکندڙ نس
تي ڪاري ضرب هڻڻ نٿو چاهيان. پر آءٌ ڪنهن
حقيقت کي افساني جو روپ ڏيڻ لاءِ سوچي رهيو
آهيان ته آخر ڪهڙي حقيقت کي ڪهڙو افسانو لکان؟

آپ بيتي ــــ يا ــــ جڳ بيتي

انهن بهادرن جا افسانا لکان جن ملڪ محبت خاطر
پنهنجي جان ۽ پنهنجو مال قربان ڪيو.

يا افساني جو محور آءٌ پنهنجي موجوده ماحول
کي ٺاهيان.

آءٌ اندوهه ناڪ جذبات سان هي افسانو سپرد
قرطاس ڪري رهيو آهيان شايد دنيا لاءِ هي
افسانو محض افساني جي حيثيت ٿي جو نه رکي پر
در اصل هي حقيقت آهي.

انهن لاءِ جيڪي منهنجي هن افساني کي حقيقت
سمجهي پڙهن نه ته ٻين لاءِ ته محض افسانو ئي آهي
من گهڙت افسانو! تخيل جي تخليق ڪيل افسانو!!

هي افسانو منهنجي خودداري جي وڏي شڪست
۽ منهنجي اخلاق جي ڪمزوري جو کليل اعتراف
آهي. پر منهنجي ڪمزوري ئي انهي اعتراف
ڪارڻ منهنجو ٿڪندڙ روح ٿوري دير لاءِ سڪون
ضرور لهندو.

پنهنجو حقيقي ڏاڏو ته صابر هو. پر شيلا جي
بيغرض ۽ بي لوث محبت کي دستياب ڪرڻ لاءِ
مون ڏاڏي کي شيام ۾ متبدل ڪيو.

شيلا هندڻ هئي مون سوچيو ته مولوي مسلمان
ڏسي شايد شيلا جي دل ۾ احساس ڪمتري جنم وٺي
الهيءَ ڪري شيلا کي ڏوکي ۾ رکڻ لاءِ مون پنهنجو
ڏاڏو شيام رکيو.

شيلا ۽ آءٌ پورو ڏهاڪو ڏينهن ڪڏهن جي ڏينها ڪان ڏور
ٻاهر اگر ۾ جتي صرف ٻاهر جون سياه گهٽائون ڇانيل
هونديون آهن- انهن جي پناهه ۾ رهڻي اسين دل
جي ڌڙڪڻ جي ساز تي هڪ ٻئي جي زندگيءَ
جا ڪيس ڳائيندا هئاسين.

هڪ پوري ڏماسي جي رات جو آءٌ ۽ شيلا ٻاهر
جي سياه گهٽائن جي پناهه ۾ ويٺي- ٻاهر جي دنيا
کي محسوس جا ڦول چاڙهي رهيا هئاسين. ته اچانڪ
ڪنهن خيال جي اچڻ ڪري- شيلا خاموش ٿي وئي
هر طرف خاموشي ئي خاموشي مسلط هئي ساري
آسمان تي سياه ۽ سفيد بادل هڪ ٻئي جو تعاقب
ڪري رهيا هئا. تاڪايون جي هجوم ۾ ڪڏهن
قاتل لمحا جي گرمي جيان. چنڊ به بادلن ۾ ڦاٽو پيو
هو ۽ آهستي آهستي پنهنجو ناٽڪ کي بادلن مان ڇڏائي
رهيو هو. ڪڏهن بادلن جي سيني مان

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

ملڪ مڪاف آڻ ٿي لڳي. شايد ڪنهن خوشيءَ جي اهڙيءَ موقعي ۾ ڪوئي غمگين واقعو ٿيڻ ياد آيو. ۽ ان ويراني ۾ وڇڙيل ڪنهن فراق جي ماريءَ جي اداسيءَ جو زخمي سڏڪيو. هوا جي دوش تي وهي. سڀ پنهنجي سڏڪن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪندو اسان جي ڪنن سان ٿي ٽڪرايو، هر طرف ڪان خوشيءَ خوشي نظر اچي رهي هئي، پر شيلا اڄ اداس ويٺي هئي. مون ڪافي سندس اداسيءَ جو سبب پڇيو. پر شيلا ڪوئي معقول جواب نه ڏئي سگهي. آخر مون جي گهڻي چوڻ ڪان مجبور ٿي چيائين:

”شيام! آئون مردن بابت سوچي رهي آهيان.“

”ڇو ——؟“ مون کان سوال ڪيو.

”ڇو ته اڄ ڪلهه جا مرد محبت جي حقيقي مفهوم کان ئي وساري. هوس پرستيءَ کي ئي محبت سمجهندا آهن. گهڻا فريب جا ماهر پنهنجي چالاڪين سان عورت کي ڦاسائي واهه ۾ ڦاسائي ساڻس محبت ڪندا آهن. پر اها محبت جيڪي اهي مرد ڪندا آهن در اصل محبت نه هوندي آهي. پر اها هوس پرستي هوندي آهي. مردن کي نه محبت جي اهميت ڪري واهه ۾ فائدو رسندو آهي پر عورت کي هيڻو سمجهي ورائون ۽ ڀڄائون عورتون محبت جي اهميت ڪري واهه ۾ نقصان پر اٿنديون

آهن. ڪڏهين ڪڏهن ته ڪن جان جي باري ۾
ليڪائتي ٿيندي آهي.“ شيلا جواب ڏنو.

”شيلا! در اصل اها عورت جي الڳ نظري آهي.
جو عورت مرد جي محبت کي ائين سمجهندي آهي
ته ته مرد جڏهين محبت ڪندو آهي تڏهين عورت
جو دامن عرش جي ٿنڀن سان ٻڌل آهي ۽ هر وقت
مرد جو روح ئي عورت جي روح کي پڪاريندو آهي“
مون مردن جي صفائي پيش ڪندي چيو.

آءٌ مڃان ٿي ته مرد محبت ڪري عورت جو دامن
عرش جي ٿنڀن سان ٻڌل آهي پر بلڪل عارضي
طور، مرد محبت جو اظهار ڪندي ڪندي جڏهن
ڪان ٿڪلو ٿي ويندو آهي ۽ سندس سرڪش هوائي
گهوڙن جي گردش ۾ گرم ٿي ويندي آهي، ته سندس
روح عورت جي روح کي نه آهي پڪاريندو. پر
سندس جسم عورت جي جسم کي پڪاريندو آهي.“

”پر! شيلا پنهنجي آڳر پوين لوا ته ته آهن ٿيندا ئون.“
مون شيلا کي اکين ۾ ڏسندي چيو.

”پر شيلا! ڪائنات وقت تي پنهنجي برابر ٿي
ويندا ئون آهن.“ شيلا جواب ڏنو.

آءٌ اڃان شيلا جي الهي سوالن جواب جو ڪوئي
معقول جواب ئي نه ڏئي سگهيس ته اچي مينهن پوڻ
شروع ٿيو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

شيلا جي افسرده رخسارن تي ميهن جا قطره اهڙين چمڪي رهيا هوا. جيئن تازه ٽڙيل گل تي شبنم جا قطرا چمڪندا هجن. ميهن جي تيزي سبب اسان اتي گهر جو رخ رکيو. پر ميهن وڌ زور ورتو. بادلن جي تصادم ڪري مهيبائن ڪنهن ڪڪرال شينهن جهڙي گجگوڙ جهڙا آواز ڪري رهيا هوا. هوا به ڀيانڪ روپ هڪ خطرناڪ طوفان ۾ تبديل ڪيو. زمين تي پيل خس وخاشاڪ هوا جي دوش تي وڃي طوفان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ آسمان جي بلندين تي پرواز ڪندا ٿي ويا. پر آخر بي وس ٿي زمين تي ڪري ٿي پيا. اسان پنهنجي اهڙيءَ خطرناڪ باد وباران کان بچڻ لاءِ هڪ گهاٽي نم جي وڻ جي پناهه ورتي.

شيلا طوفان جون وحشتناڪ صدائون ٻڌي منهنجي ڇاتيءَ سان چنبڙي پئي. منهنجي ڇاتيءَ ۾ هو نرم و گداز سينو ڇپي رهيون هيون. اهڙيءَ قدرتي طوفان کان وڌيڪ منهنجي دماغ ۾ جذبات جو طوفان پيدا ٿيو.

پر مون ڪيس روڪي ورتو.

آخر برسات به بيهي وئي.

اسان پنهنجا ڪپڙا ميهن سبب پسي پيا هوا. شيلا جي بدن جي عرياني سندس آب آلوده سنهي قميص مان صاف نظر اچي رهي هئي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

۾ آءٌ مرد هوس. اهو مرد جهڙو ٻاڪار ايندو
آهي. جنهن جو روح عورت جي روح کي پڪاريندو
آهي- آءٌ سچي محبت جو دعويدار هوس-

مون پنهنجو ڪوٽ شملا کي لاهي ڏنو. ۽ جيئن
شملا پنهنجي بت جي عرياني لڪائي ڇڏي. اسين
ٻئي گهر ڏانهن روانا ٿيا هئاسين. پهريون منهنجو گهر
آيو. اسين ٻئي گهر ۾ داخل ٿياسين. آءٌ گهر ۾ اڪيلو
رهندو هوس. نوڪر جي عدم موجودگيءَ جي
ڪري گهر ۾ سن سان لڳي پيئي هئي. شملا مون کي
منهنجو ڪوٽ لاهي ڏنو. هو منهنجي بلڪل
سامهون بيٺي هئي. سندس سفيد سفيد بت مون کي
وري نظر اچي رهيو هو.

منهنجي هر طرف جيان ٿڌي بدن ۾ ڪرنٽ لڳو.
جسم ڪنڊي تي ويا حلق سڪي ويو. اکين ۾ جذبات
جو ديوتا ۽ حسن ماده ناچ نچڻ لڳو.

شرابيءَ اڳيان شراب سان لبريز پيالو آيو هو.
مر هو مجبور هو. منهنجي خودداري ۽ مستقل مزاجي
سبب. ڪوٽ و ٺاٺ وقت منهنجو هٿ غير ارادي
طور شملا جي ڇاتيءَ جي ابهار سان ٽڪرايو. هٿ جي
ٽڪرائڻ ڪري وري اهو دٻيل طوفان ابري آيو ۽ هر
الهيءَ شيءِ کي ٻاڏ سان ساڙ وهائي ڪڍي ويو.
جا هن جي سامهون آئي ۽ الهيءَ طوفان ۾ آئي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

منهنجي مستقل مزاجي ۽ خودي به وهي وئي. اسين دنيا کان دور— دنيا وارن کان ٻئي نياڙ انسانيت کان ٻري محبت جي حقيقي مفهوم کي وساري— ويران گهر جي چار ديواريءَ اندر گناهه عظيم مان لذت وٺي رهيا هواسين.

اسين قدرتي طوفان کان نه بچي وياسين پر هن جذبات جي اڀريل طوفان کي روڪي نه سگهياسين. طوفان آيو— ۽ پٿريلي ساحل سان ٽڪر هڻي پنهنجا ڪجهه نشان باقي ڇڏي— اتئي هليو ويو— جتان آيو هو.

هڪ باعصمت دوشيزه جي دوشيزگي کي تباهه ڪري. هڪ نو شگفته گل جي جواني پامال ڪري— محبت جي سفيد پاڪ چادر تي هڪ بدنما داغ هڻي اسين ٻئي چپ چاپ ويٺا هواسين.

آخر شيلا جي صبر جو پيمانو ڇلڪي ئي پيو.

”شيام!“ شيلا چيو. ”ڪوڙ لاءِ نه تو گناهه ڪري ڇڏيو پر تو انهيءَ گناهه جو انجام نه سوچيو. پڳوان نه ڪري جيڪڏهن پاڻ ٻنهي جي شادي ٿي نه سگهي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ پوءِ ...... ڇا ...... ٿيندو ...... شيام!“ شيلا روئندي چئي رهي هئي. مون لڳي جڻ ڪنهن زهريلي ناڳ ڏنگي ڇڏيو هجي. طاقت هڪ کان پوءِ به آهه پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي طاقت

نه سمجهي رهيو هوس - منهنجي اڳيان منهنجي ڪيل گناهه جو انعام رقص ڪري رهيو هو- شيلا وري چوڻ شروع ڪيو.

”ماڻهو هيءَ مون کي اڄ نه ٻڌائين لاءِ ڀلائي اروان چاڙهيو هو ته جيڪي آهه گناهه جي پهرين منزل جي لڏ سڀ خاطر منهنجي سان رسيدو تصيف ولزار اهي جي عزت کي خاڪ ۾ ملايان. توکي ڇا آهي؟ تون ته مرد آهين- تون چاهين مون جهڙين هزارين عورتن سان نه گناهه جو نه ڪرين ته به تون بيگناهه آهين. ڇاڪاڻ ته تون مرد آهين. سماج کي اهي نظرون ئي ڪونهن جو هو تنهنجي داغدار دامن کي ڏسي سگهي. ۽ نه منهنجي داغدار دامن کي ڏسڻ کان ٻاهران سماج انهن ته نه سوچيندو ته اهي داغ مون لڳايا آهن- يا ڪنهن جي هٿن سان لڳايا ويا آهن.“

شيلا هيڏو جوش ۾ اچي چڪي هئي. سندس جاڳندڙ دل جي ٻاهه زهريلن لفظن جو روپ اختيار ڪري ٻاهر نڪري رهي هئي.

تازگي ئي چاڙهي آهه شيلا کي چڙڻ سندس ڪوو ٿانئن وٽس. گهوڙي جي پهرين ئي ”ٽپاڪ“ جو آواز بلند ٿيو. گردش گردون جهان ڦهڻي ۽ گردش بعد ٿي:؟ انسان پڻهي جي زندگي انساڻي اڳيان رقص ڪرڻ لڳي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

”گناھ ......!“ ”گناھ مان ورتل لذت“

”۽ گناھ جو انجام“

اھي ٽيئي منظر ھوا مھنديءَ جي ڪي تصورات جي اسڪرين تي ھڪ ٻئي بعد ڏيکاري اچي ھڪ وحشياڻا ناچ اچي موٽي ٿي ويا- گھوڙي جي ٽاپن جو کڙکو آواز مھنديءَ ذھن تي ھٿوڙي جو ڪم ڪري رھيو ھو ۽ شيلا جا چيل لفظ ھڪ خراش ٿي دل جي ڪنھن ويران ڪنڊ ۾ پاسا بدلائي رھيا ھئا.

”مرد محبت جو اظھار ڪندي جڏھن ٻاٽ کان بي قابو ٿي ويندو آھي ۽ سندس سرد آھ حيواني خون جي گردش ۾ گرم ٿي ويندي آھي پوءِ سندس روح عورت جي روح کي نه پڪاريندو آھي. نه سندس جسم عورت جي جسم کي پڪاريندو آھي“

اھو مھنديءَ ضمير جو آواز ھو. جنھن کي موڙيندي ٽڙ پکڙ ٿي شيلا جا چيل لفظ دھرائي رھيو ھو- ۽ شيلا جي چيل انھن لفظن مھنديءَ ذھن جي اٿاه ساگر ۾ خيالن جو ھڪ طوفان مچائي ڪري ڇڏيو ھو.

خيالن ئي خيالن ۾ شيلا جو گھر اچي ويو. شيلا جي ھدايت موجب ٽانگي واري ٽانگو شيلا جي گھر جي دروازي وٽ بيھاريو ۽ شيلا بنان ڪجھ چوڻ جي لھي ھلي وئي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

شيلا جي گهر جي دروازي وٽ سندس سهيلي
راڌا سندس منتظر بيٺي هئي راڌا موهن کي ڏسي
وڌيو. اها موهن کي سڃاڻندي هئي ۽ شايد انهي ئي
منهنجي راز جو انڪشاف شيلا تي ڪري ڇڏيو.
ٻئي ڏينهن کي شيلا موهن سان ملي. اداس ۽ ويران
سندس چهري مان ۽ سندس ڪوڙن مان افسردگي
لڳي رهي هئي. سندس اداس ۽ پريشان وار سندس
حالت تي خون جا آنسو وهائي رهيا هوا. اڄ ڪجهه
ڳالهائڻ لاءِ سفيرس ۾ شيلا منهنجي چوڻ کان پهرين
ئي چيو-

شيام تون سچ پچ سليم آهين؟ تون سليم ئي آهين
سگهين تو کي دنيا جي ڪائي طاقت نه سليم ڪري
ٿي سگهي. منهنجو شيام، شيام ئي رهندو منهنجو
شيام موهن اهڙو ڏوکو هرگز نه ڏيندو؟ شيلا روئڻ
لڳي. آخر عورت ويچاري کي روئڻ کان سواءِ ٻيو
ايندو ئي ڇا آهي؟

”ها شيلا“ مون ڪجهه سنجيدگي اختيار ڪندي
پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو ”اسين سليم آهيون.
اسين مسلمان آهيون. تنهنجي پاڪ محبت کي داغدار
ڪرڻ لاءِ موهن اهو ڪرتو ٻيو جنهن مون ڪيو.

”جيڪا محبت تو موهن سان ڪئي. اها پاڪ آهي“
شيلا جوش مان جواب ڏنو ”هر مرد پاڪائي جي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

محبوب جو شراب پيئندي ضمير پيئڻ کي ۽ وجود کي پياري ان کي دوکي ۾ رکندو آهي - سندس دل ڪجهه ٻيو چاهيندي آهي. ۽ پيئندي ضمير کي دوکي ۾ رکڻ لاءِ مرد چوندو آهي ته ”آءُ پاڪ محبت ٿو ڪريان“ ۽ اهڙن پاڪ محبت ڪندڙ مردن جي محبت جو انجام اهڙن ئي ٿيندو آهي - جهڙن گندي محبت جو ٿيو -

شيلا جي دل ۾ جنم ورتل منهنجي محبت هميشه هميشه جي لاءِ سمهي رهي هئي ۽ اهي جي جڳهه تي هميشه نفرت جنم وٺي رهي هئي. شيلا ڪاوڙ ۽ نفرت جي ملي جلي جذبن جي زير اثر هلي وئي. شايد ڪڏهن نه موٽڻ لاءِ هلي وئي. مون ڪيس گهڻو روڪيو. ۽ سيلا جي دل ۾ جنم ورتل نفرت مون کي سڃاڻي ۽ شيلا هلي وئي.

ٻئي ڏينهن تي آءٌ ڪاليج وڃي رهيو هوس شيلا جي گهر جي اڳيان ماڻهن جي ڪلهن تي سوار ڪاٺي وڃي رهي هئي.

پڇا ڪندي معلوم ٿيو ته شيلا خودڪشي ڪئي آهي.

اف... ”بي اختيار واتان نڪتو ڪتاب هٿ هٿ تي سمهي لٺ تي ڪري پيا. منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا - ۽ وڏيل لڙڪ ڳوڙهن جو روپ اختيار ڪيو. ڳوڙها اکين مان ڇڪيا منهنجي اداس رخسار

تي ٽڪي لڳا. مون شيلا جي لاش ڏانهن حسرت ڀري
نگاهن سان ڏٺو. منهنجي اکيان منهنجي گناهه جي ننڍڙن
معصوم ٻچڙن جي الفت جو وحشتناڪ انجام ظاهر ٿيو هو.
ڪڏهن پڪيل ثمر جيان لاش شمشان ٻڙي ڏانهن
وڃي رهيو هو ۽ آءٌ بي حس و حرڪت اکيون ڦاڙي بيٺو
هوس ڄڻ منهنجي جسم ۾ متحرڪ خون ساڪن ۽
منجمد ٿي چڪو هو.

اڄ ٻه ڪارا ڪارا بادل آب روان جي چادر جيان
آسمان تي ڇانيل آهن. سج جون شڪسته
ڪرڻا بادلن جي آغوش ۾ سمائجي ويل آهن.
دور ويراني ۾ ٻلبل مون جيان ڪنهن فراق جي ماري
جي بيسري جور خوني سنگيت فضا ۾ ڦهلجي رهيو
آهي اڄ ٻه ڪوئي سنڌي پڪار پنهنجي سرائڪي
ٻوليءَ ۾ رڪ جو ڏوهڙو ڳائي رهيو آهي دريءَ
جي رنگين آلوده شيشن ڪان ٻاهر ڏٺي ڏٺي بارش
ٻه پئي رهي آهي. ۽ اڄ آءٌ اڪيلو آهيان. اڄ شيلا
ڪولهي جنهن جي افسرده رخسارن تي معصوم جا
شوخ ۽ چنچل قطرا ناچ نچي چاهن.

ڪمتري تمام آهي. الهيءَ ڏنهن ۽ اڄوڪي ڏينهن
۾ الهي ڏينهن مون سان شيلا ساٿ هئي. ۽ اڄ آءٌ
اڪيلو آهيان. هميشه صرف شيلا جي ياد ۽ مرلي تي
گناهه جي خلش باقي آهي.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

هاڻ قلم کي لرزش ڪندڙ آڱرين جي ڪرتب
جهڙي انسانو لکڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان. سوچيان ٿو
ڇا لکان ——؟ پاڪ محبت جي پروانن جو ڪولي
انسانو لکان. يا گناهه جي الهي ارتڪاب کي ڍڪيندي
دوک قلم سان هڪ غير فاني شاهڪار ڏاهيان جنهن
آءٌ مرتڪب آهيان ....

# سنگ سياه

”اڄ ڪمبخت سمهڻ نه ڏيندا الائي ڇو......؟“ بلانڪيٽ کي هڪ طرف سوري. پلنگ تان اٿندي مون هٿ سان ڳالهايو. پلنگ تان اٿي، مون ٽيبل ليمپ روشن ڪئي ۽ ٽيبل جي لشي کي دور ڪرڻ لاءِ سگريٽ ڪيس مان سگريٽ ڪڍي. ٻهڪندي چپن جي ڪرسي ۾ جهليندي مون نفرت آميز نظرن سان پلنگ ڏانهن ڏٺو جتي هڪ مڪڙهه. زخم خورده هرڻي جيان ٻوڙي رهيو هو.

”ها...... ها...... هائي!! ڪيڏانهن ٿو ڀڄين؟“ مون ڪٽمل کي پڪڙيندي. ڪانئس سوال ڪيو. ڪٽمل کي پنهنجي پير هيٺان رکي زور ڏنم؟

”پٽاخ......!! جي آواز سان مون پنهنجو پير هٽايو ۽ سگريٽ جلائيندي فاتحانه انداز سان مون ڪٽمل ڏانهن ڏٺو. جنهن جي بدن مان نڪتل خون ٽائيلس جي خوبصورت فرش تي بدنما داغ معلوم ٿي رهيو هو.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

ڪٽمبن جي مسلسل ڇڪن کان تنگ اچي، سلويندر ڳوڻ
ٻڌائي آئي روم کان ٻاهر نڪتس ۽ روم جي بلڪل اڳيان
واري صحن ۾ گهمڻ لڳس بور ٿيڻ ڪري ۾ داخل ٿي ويو، ڪجهه
مهينو گذاريو هو. ۽ مهمانن جي اچڻ معمولي عرصي
۾ مهينا پورا ٿيڻ ۾ گهٽائي دوستي ٿي وئي هوا ۾
صحيح معني ۾ مهمانن دوستي اشوڪ ٿي هو. اشوڪ
مالي لحاظ کان غريب هو. پر سدس دل غريب نه
هئي هو فراخ دليءَ سان کلو ڪلي، هو دلدار هو. ۽
سدس اهڙيءَ خاصيت ئي. مون کي ساڻس دوستيءَ
جا ناتا ڳنڍڻ لئي مجبور ڪيو هو.

اشوڪ هڪ اهڙو آزاد پکي هو، جيڪو صرف آسمان
جي بلندين تي ئي پرواز ڪندو هئي ۽ ڪڏهن ڌرتي
جي الهڙيءَ جي جهلڪ تي نه ڏني هئي. اڃان اشوڪ
زماني جي تلخين کان بلڪل ناواقف هو.

مون سوچيو اشوڪ سان ڳالهائيندي رات جو ڪجهه
حصو گذاريان. پر ڪمرس سنتل سمجهي- اڄ سدس
روم وٽان موٽي آيس ۽ وري ورانڊي ۾ گهمڻ لڳس
اونهاري جي ڏينهن ڪري ۽ سڄاري جي گرد و غبار مان
مرتب ٿيل سرد جي خوشگوار موسم هئي. فضا هلڪي
هلڪي گلابي هڪڙي سان رلل هئي. سهائي رات
سبب سارو شهر چمڪي رهيو هو. ۽ آءُ ڪمبخت
مکڻن جي ڇڪن کي وسارڻ لاءِ اهڙي افسانوي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

رات جو ڏيڍ ڪلاڪ ٿي آرام ھيڏانھن ھوڏانھن گھمي رھيو ھوس آءٌ وڏي والدي جي ڇت کي جھاڳيندو ٿيئي ڪي ايڪ ڏينھن ٿي رھيس. ۽ منھنجو ٻار ڪي ھن دنيا ڪان ڌار افسانوي دنيا ۾ وٺي ويس.

ھن وقت ته ڪنھن انساني جي حالت جي ڳولھا ۾ … ......؟"

انھن لفظن منھنجي خيالن کي منتشر ڪري ڇڏيو. ۽ مون کي حقيقت ڏانھن ٿي مجبور ڪيو. مون منھنجو ٻار کي ھن دنيا ۾ آڻيندي حقيقت ڏانھن ڏٺو اشوڪ مائوٽ ڪائون ۾ ملبوس منھنجي سامھون بيٺو ھو.

"ڪمبخت مگھرٽن تي منھنجن ڇڪن مان بدن تي ھڪ واھيات افساني جو حالت مرتب ڪيو آھي." مون سگريٽ جي دونھين کي واسا مان آزاد ڪندي چيو. "يار تون ھن وقت ڪٿان ڪوٺي سٺو آھين...؟" مون وري سوال ڪيو "بس يار ننڊ ئي نٿي اچي...!" اشوڪ عذر پيش ڪندي چيو

"ڪنھن حسن جي ڪتيءَ ننڊ ته آھي ڪسي ورتي...؟" مون سگريٽ جي دونھين کي اشوڪ جي چھري تي ڦھلائيندي شرارت مان چيو.

"ھا... يار...؟" اشوڪ لھرائيندي جواب ڏنو

"ڪنھن......؟"

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

”ها، تون پڙهندين نه ڪلهه پر“ اشوڪ محجوب ادا سان جواب ڏنو.

”ڀلا آءُ به نه پڙهان......؟“ موهن پنهنجي اشتها ظاهر ڪندي چيو

”آغا! راڄن منهنجو سڀ ڪجهه موهن کان کسي ورتو آهي...؟“ اشوڪ جواب ڏنو.

”آءُ تنهنجو مطلب ڪونه سمجهي سگهيس...؟“ موهن ڳالهه جي اونهائي جاچڻ چاهي ”آغا موهن کي راڄن سان محبت ٿي وئي آهي...!“ اشوڪ جواب ڏنو.

”وا... را... راڄن سان...؟“ موهن تعجب جا نشان پنهنجي چهري تي بڻائيندي چيو.

”ها! آغا- راڄن سان...“ هن موهن کي ٻڌڻ ڏيندي چيو.

موهن کي اشوڪ تي تعجب ٿي لڳو آءُ اشوڪ کي ڪهڙي نه مقدس هستي سمجهندو هوس. پر اشوڪ ڇا نڪتو......؟

آءُ سوچي به نٿي سگهيس ته اشوڪ به هاسٽل جي انهن ڇوڪرن مان آهي جيڪي حسين ڇوڪرن کي ڏسي جهٽ چنڊ تي مجبور ٿي ويندا آهن- موهن اشوڪ جي اصولن جو ٿورڙو رخ ڏٺو هو. ۽ جهڙي قدر موهن کيس شريف ثابت ڪيو هو- اهڙا موهن کي ٿي خبر آهي- اشوڪ جي ڳالهين اڄ سندس اصولن جو

هو اڄ نہ ظاهر ڪري چڪو هو ۽ اڄ مون محسوس ڪيو تہ حقيقت هر ڇهڪندڙ شيءِ سون نہ آهي ٿيندي...

”پر هو نہ مرد آهي......“

گهڻو ضبط ڪرڻ کان پوءِ آءٌ ٽهڪ کي روڪي نہ سگهيس ۽ مون اهو سوال پڇي ئي ڇڏيو.

”آغا! تون هڪ افسانہ نگار ٿي ڪري بہ ائين ٿو چوين......“! اشوڪ پنهنجي پيشانيءَ تي هڪ فلاسفر جيان گهنج وجهندي پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو.

”آغا! محبت ڪئي نہ آهي............... پر ٿي ويندي آهي......!“

۽ جڏهن ٿيندي آهي، تڏهن اهو نہ آهي ڏسندي تہ هي مرد آهي يا عورت پنهنجي آهي يا غير عورت. خوبصورت آهي. يا بدصورت.

۽ وري جيڪا محبت ڪئي ويندي آهي. سا ”محبت“ محبت نہ آهي ٿيندي پر محبت جي لفظ ۾ اڪل هوس لڪل ٿيندي آهي

اهو تہ اڄ ڪلهہ جي شاعرن ۽ اديبن جو فلسفو آهي تہ محبت صرف عورت سان ٿيندي آهي. ۽ عورت بہ اهڙيءَ سان جيڪا حسين هجي. جنهن جو حسن ۽ حسن جو شاهڪار هجي.

پر پر اصل اهو فلسفو غلط آهي. شيخ سعدي

جهڙي مقدس هستي نه، انهن جهڙو آهي ۽ "محبت
جي حقيقي خوشي عورت مان نه پر مرد دوست
مان حاصل ٿيندي آهي".

پر وري دنيا جا تنگ دل انسان انهيءَ محبت کي
هلڪي نظر سان ڏسندا آهن. پوءِ ڀانءِ اهڙا محبت
کهڙي نه مقدس ٿي جو نه هجي پر تڏهن نه انهن
انسانن لاءِ اها محبت محض هوس پرستيءَ جي ئي
حيثيت رکندي آهي. دنيا وارا شايد ليليٰ و مجنون
شيرين و فرهاد جي محبت اکي پاڪ چون پر آءٌ
سندن انهيءَ رائيءَ سان متفق نه ٿيندس. انهيءَ ڪري
جو منهنجي نظرن ۾ انهن جي محبت پاڪ نه آهي.
هنن جي محبت هڪ غرض تي ٻڌل هئي. جڏهن
غرض کي پورو ڪرڻ لاءِ مجنون صحرا ۾ دربدر
ٿيڻ لاءِ مجبور ٿي ويو هو. جڏهن غرض کي پورو
ڪرڻ لاءِ فرهاد فلڪ بوس پهاڙن کي پنهنجي سيني
سان ٽڪرائي ۽ ندي ناليءَ جو رخ بدلائي انهن جي
سيني مان وهايو هو ۽ آخر ۾ انهيءَ تيشيءَ سان ئي
پنهنجي مغز کي نه ٽڪري ڇڏيو هوائين. هنن چاهيو
ٿي ته انسان جي شاديءَ جي غرض ئي هنن کي اهو
سبب ڪرايو. جو ڪجهه هن ڪيو ۽ جڏهن محبت
۾ غرض آهي. انهيءَ محبت کي محبت سڏڻ محبت
جي توهين آهي.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

۽ ورڻي الهيءَ جي برعڪس دوستيءَ جي مقصد
مقدس اُهي اُتي. هن جي دل ۾ ڪوئي غرض
هرني اُئي وني سگهي.
ٻوڏ ٻه آغا! توکي تعجب ٿو لڳي ته مون کي
واجن ساں بغرض محبت ڪرڻ لي ورتي آهي"

اشوڪ چوندو رهيو ۽ آئون چپ چاپ ٻڌندو رهيس
مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ٻڌو هو ته محبت
مرد ساں به ٿيندي آهي- ۽ ورڻي الهيءَ محبت کي
اشوڪ اهڙي نموني ساں منهنجي اڳيان ڪيو هو-
جو مون کي به اشوڪ جي الهيءَ محبت کي ميٺو
هو. اشوڪ جي چپن تي فاتحانه مسڪراهٽ کيڏي رهي
۽ اشوڪ جي فاتحانه مسڪراهٽ، منهنجي لاءِ منهنجي
نام لاءِ هڪ ابرڊست تلخ هئي.

مون سگريٽ هيٺ ڦٽي ڪئي ۽ پنهنجي ٻئر
ساں لاڳي زندگي ختم ڪندي اي سگريٽ جلائي. ۽
چپ چاپ اچي پلنگ تي سمهي پيس اشوڪ جي
ڳالهين ۾ مون ڪان منگهٽ جا چڪ به وسري ويا.
ساري رات اشوڪ جي ڳالهين جو بار منهنجي دل ۽
دماغ مٿان چانهل رهيو. ساري رات مون انهن محسوس
ڪيو ته جڻ ته آئون ڪوه همالي هيٺان ٻورڙو پيو هوس.
واجن اشوڪ ۽ موسان ڪڏ ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر آرٽس
پڙهي رهيو هو. واجن ته اشوڪ وانگر آزاد فطرت هو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

آءٌ نه چوندس ته رامن اشوڪ جو هر انداز ڪان الڳ روپ هو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد لهري جو ڪمپٽن ٽاور ڪرڻ لاءِ اسانجي ڪالمج ۾ آيو - ۽ آءُ لهريءَ ۾ ڪالي ٿي ويس.

ڪوئٽه جي اداس اداس ٻهاڙن ڏاڍهن مون کي ٽريننگ، لاءِ موڪليو ويو. آءٌ هڪ سال راولپنڊيءَ ۾ رهيس. انهيءَ عرصي ۾ اشوڪ جي طرف کان خط ٻه ايندا رهيا. ڇهن مهينن تائين ته اشوڪ جي طرف کان خط باقاعده ايندا رهيا. ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ اشوڪ جا خط اچڻ بلڪل بند ٿي ويا. جنهن جو سبب آءٌ بلڪل سمجهي نه سگهيس.

ٽريننگ جا ٻارهن مهينا گذاري، آءٌ ڪراچيءَ آيس. ڪراچيءَ ۾ مهيني کن وقت هوٽلن ۽ مسافرخانن ۾ گذاريو هو. ڇاڪاڻ ته ننڍپڻ کان وٺي مون کي آواره گرديءَ سان پيار آهي.

هڪ ڏينهن خلاف عادت آءٌ هڪ معمولي هوٽل ۾ گهڙيس، منهنجون نظرون انهيءَ معموليءَ هوٽل جو جائزو وٺڻ لڳيون. هلندي هلندي، منهنجون نظرون هڪ دم هوٽل جي هڪ ويران ڪنڊ وٽ رکيل ٽيبل تي ويون جتي اشوڪ، پنهنجي چانهن جي خالي ڪپ سان کيڏي رهيو هو. آءٌ ڊوڙي وڃي اشوڪ سان مليس.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

اشوڪ خلاف اميد موٽڪي ڪراچي ۾ ڏسي تعجب
وچان پڇيو،
”آغا تون هتي ڪوئيٽا کان ڪڏهن آئين...؟
”مهينو اڳ پهرينـــ، جو سال ختم ٿيو.“ مون
سگريٽ ڪيس مان سگريٽ ڪڍي چپن لائين اٽڪائيندي
چيو، ”۽ تون ڪڏهن آئين...؟“
مون بعد ڪاڻل سگريٽ کي چپن لائين اٽڪائيندي پڇيو.
”آغا آءٌ پنهنجي شهر کي هميشه لاءِ الوداع چئي
آيو آهيان.“ اشوڪ پنهنجي ڇوري کي معصوم
ڏاهيندي چيو.
”ڇو........؟“
آغا اهو هڪ طويل داستان آهي، اشوڪ پنهنجي
ڇوري کي معصوم اکين ٻڌائيندي چيو ”آخر آءٌ به
ڇا ٻڌايان...؟“ مون پنهنجي تجسس جو مظاهرو
ڪندي چيو.
انهيءَ وچ کان پوءِ مدهوشي ۽ راڄن جي دوستي
ٿي.“ اشوڪ ڪرسيءَ تي ويهندي پنهنجو داستان
ٻڌائڻ شروع ڪيو.
”اهو راڄن نه جنهن سان توکي محبت هئي.؟“
مون ڪرسيءَ تي ويهندي سگريٽ کي جلائيندي
طنز ۾ پڇيو.
”هئي، نه ڇو آغا، ۽ ڇو نه جنهن سان توکي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

محبت "آهي" ۽ مرندڙ دم تائين رهندي" اشوڪ
مهذب طنز جو ڪرشيءَ سان جواب ڏنو ۽ هو
وري پنهنجي ماضيءَ جي رنگين ڏينهن ۾ گم ٿي ويو.
"آغا! اها نه توکي خبر هوندي ته اسان جي ڪاليج جي
سڀني شرارتي ڇوڪرن جو ليڊر هوندو هوس
اسين هميشه ڪاليج جي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي
پنهنجي لڳي شرارتن سان تنگ ڪندا هئاسين.
هڪ ڀيري اسان جي ڪاليج ۾ هڪ نئين ڇوڪري داخل
ٿي. سڀني ڇوڪرن ارادو ڪيو ته ڪاليج ۾ داخل
ٿيل نئين ڇوڪريءَ سان ڪائي نه ڪائي شرارت
ڪئي وڃي. مون پنهنجي ٽوليءَ جي سڀني شرارتي
ڇوڪرن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو. ڇاڪاڻ ته مون
کي الهيءَ نئين آيل ڇوڪريءَ جي چهري مان ٽپڪندڙ
معصوميت تي ترس ٿي آيو.
الهيءَ نئين ڇوڪريءَ جو نالو الهي هو......
الهي ڪاليج ۾ اچڻ سان سڀني ڇوڪرن جي دلين
تي راڄ ۽ ڀاڳ جمائي ڇڏيو، ۽ الهيءَ جي اها
معصوميت جنهن تي مون کي ترس آيو هو. جلد ئي
شرارت ۾ منتقل ٿي. هاڻ الهي به ڪاليج جي سڀني
شرارتي ڇوڪرين جي رنگ ليڊر ٿي.
الهيءَ سان ڪاليج جو هر هڪ ڇوڪرو شرارت
ڪندو هو. ۽ الهي به سندن شرارت جو جواب سنهن

لوڻ شرارت سان ڏسندي هئي. پر للي ڪڏهين نه
مون سان شرارت نه ڪئي، ڇو ته مون ئي، للي ءَ
سان شرارت ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ڪاليج ۾ للي ءَ
جي اچڻ ڪري مون کان ڄڻ پنهنجون شرارتون ئي
وسري ويون.

للي ءَ جي شرارتن ڪاليج جي سڀني "دل ڦينڪ"
چوڪرن کي ڪڏهين نه سلجهڻ واري الجهن ۾ وجهي
ڇڏيو. سڀني ائين ٿي سمجهيو "للي مون تي عاشق
ٿي آهي" ۽ وري جڏهين للي چوڪرن جي اها
غلط فهمي پڙهندي هئي، تڏهين للي چوڪرن جي
انهيءَ غلط فهميءَ تي مسڪرائيندي هئي. چالاڪ
۽ للي حساس طبع جي نه هئي.

هڪ ڏينهن منهنجو پروفيسر مون کي ڪنهن
ضروري ڪم لاءِ چيو جيئن آءٌ پنهنجي سائيڪل وٽ
آيس، سائيڪل جو پويون ڦيٿو زمين سان لڳو پيو
هو. ڇو ته منهنجي هڪ نوڪدار شيءِ پنڪچر ڪرڻ لاءِ ٽنبي
ڇڏي هئي. مون سمجهي ورتو ته اها شرارت ڪنهن
جي هوندي، ۽ اهڙي پر نسواني طرز ۾ ڪنهن منهنجي
مٿيان پئي لي، مون هيٺ نهاري ڏٺو للي ڪاليج
جي ڪمرن جي دروازي وٽ بيٺي شرارتي نموني
سان مسڪرائي رهي هئي. مون انهي ڏينهن ارادو
ڪيو ته ڪڏهين نه ڪڏهين للي ءَ کان انهيءَ

شوارٽس جو بدلو ضرور وٺندس. ۽ ڪڏهن فطري
طاقت مون کي بدلي وٺڻ کان روڪيو. انهيءَ ڏينهن
ڪان وٺي مون ٽليءَ جو ٽالو انجيڪشن رکيو.
بيماريءَ کي دور ڪرڻ واري انجيڪشن نه ——!
۽ مهيني جي پهريءَ کي وڌائيندڙ انجيڪشن.
هاڻ ٽلي ساري ڪاليج ۾ انجيڪشن جي ٽالي سان
مشهور ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن ڪاليج ۾ ڊرامو ٿيو، ڊرامي جو هيرو
راجن ۽ هيروئن ٽليءَ جي وڇهي سهيلي رجني کي
ڪيو ويو.

"ڪاليج ۾ ڪنول کي نه ڏيون سڃاڻندو هوندين
......؟" اشوڪ مون کان پڇيو.

اهو ڪنول نه جيڪو مون سان باڪسنگ جي
مئچ کيڏيو هو. مون ڏيون سگريٽ جلائيندي سواليه
انداز سان جواب ڏنو.

"ها اهوئي ڪنول باڪسر" اشوڪ جواب ڏنو
"ڪنول ٽلي چاهيو ته ڪو راجن ۽ رجني هيرو ۽
هيروئن جو پارٽ ڪن. سڀني ڪنول جي پارٽيءَ
جي ڇوڪرن اعتراض اٿاريو ته هيرو راجن نه پر
ڪنول ٿئي.

۽ پرنسيپال جو آرڊر، آرڊر ئي رهيو ۽ هيرو
راجن ئي رهيو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

اڄ ڊرامو ٿيڻو هو، ڊرامو اڃا شروع ٿي مس ٿيو
ته ڪنول جي دوستن مان سوئچ آف ڪري ڇڏيو،
ساري ڊراما هال ۾ اونداهي ڇانئجي وئي ۽ ساري
هال ۾ چئني طرف کان سيٽين ۽ ٺٺولين جو شور بلند ٿيو
مونکي اوچتو اهو خيال آيو، ته متان ڪنول رقابت
جي جذبي ۾ اچي، ڪري اهڙو قدم نه کڻي
جيڪو راڄن لاءِ نقصانڪار هجي. آءٌ انهيءَ خيال جي
ماتحت اسٽيج ڏانهن وڌيس. اسٽيج تي راڄن کي ڏٺم
۽ راڄن اسٽيج تي ڪمن هو. آءٌ پرنسپال جي ڪرسيءَ
ڏانهن وڌيس، پر پرنسپال به پنهنجي ڪرسي خالي
ڪري ڇڏي هئي، شايد لائيٽ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ
ٻاهر ويل هو. آءٌ مايوس ٿي دروازي ڏانهن وڌيس،
اونداهيءَ ۾ جيئن آءٌ ڪرسين سان ٽڪر اٽڪلو ٻاهر
وڃي رهيو هوس ته اوچتو منهنجو ڪنهن نرم گداز
پڪر سان اصادم ٿيو "اکين هوندي به انڌا آ معلوم
ٿيو." اونداهيءَ ۾ هڪ نسواني آواز بلند ٿيو.

"هن وقت اکين جو هجڻ، نه هجڻ جي برابر آهي."
مون جواب ڏنو ايتري ۾ سارو هال بجليءَ جي روشنيءَ
۾ چمڪجي ويو. منهنجي سامهون لائيٽ کان به وڌيڪ
چمڪندڙ الهڙ اسٽي هئي.

"هون ——— !!؟" منهنجو معطر رومال منهنجي
منهن ۾ هٿن ڪرڻ کي ڪنهن نسبت هرڻيءَ جيان

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

موٽي للي چوندي هلي وئي. للي جي رومال
مان ايندڙ مڪسچر سينٽ جي خوشبو، منهنجي
نڪ جي ناسن مان گهڙي ساري دماغ تي ڇانئجي
وئي. منهنجي دل چاهيو ٿي ته للي وري
پنهنجو معطر رومال منهنجي منهن تي هڻي

للي وڃي پنهنجي جڳهه تي ويٺي، ۽ آءٌ اٿي
بيٺو رهيس. اينتري ۾ ڊرامون شروع ٿيو.

وقت جو هڪي ڦرواڙ ڪندو رهيو. زماني جي ظالم
چڪي پيسندي رهي ۽ آهستي آهستي گهڙيال جي
ڪانٽن جي رفتار سان للي ۽ آءٌ به هڪ ٻئي جي
نزديڪ کان نزديڪ ايندا وياسين. آءٌ للي ۽ راڳن
محفل جي دلڪش ماڻهن ۾ گهمندا رهياسين.

اچانڪ حالات هڪ نئون رنگ اڏلايو. زماني هڪ
عجيب ٿاڪ ورايو ۽ هڪ ويران منجهند جو منهنجي
زندگي جو هڪ نئون ورق بدليو.

آءٌ پنهنجي روم ۾ پلنگ تي ليٽي هڪ اردو ناول
پڙهي رهيو هوس. جڏهن ناول ۾ مون اها سٽ
پڙهي ته ”عورت هڪ حسين دوکو آهي“ ته مون
خبر نه ڪهڙي جدائي جي زهرآلودي سٽ جي
هيٺان ڪاڙهي مس سان لکير ڪڍي ڇڏي اڃان مون
لکير ختم ئي مس ڪئي ته اچانڪ دروازو کڙڪيو.
مون اٿي دروازو کوليو. خلاف اميد منهنجي سامهون

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

للي ٻڌي هئي - اُهيءَ مهل هن کان ته، وڻ ڄڻڪ اداس
۽ ويران- ميرا ور وڪڙن سان ڪڙا. للي مون ڏانهن
چهر ٻرندڙ سان ڏٺو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ پيل ڪرسيءَ تي
اچي ويهي رهي- آءٌ به چپ چاپ لليءَ جي حالت
ڏسندو رهيس- منهنجي ذهن ۾ لليءَ جي ڪيڙن
لئي چالاڪ ور ڪڙن جو خيال هڪ عجيب قسم جا
شڪوڪ پيدا ڪري رهيو هو- آءٌ لليءَ کي سمجهڻ
جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هوس-

”اشوڪ ...؟“ للي آخر سڪوت ٽوڙيندي چيو
آءٌ اڄ توکان هڪ قرباني وٺڻ آئي آهيان“-

”للي! آءٌ تنهنجي لاءِ دنيا جي هر قرباني ڏيڻ لاءِ
تيار آهيان“ مون ٻلڪ لي ويهندي جواب ڏنو ”پر
تو هي منهنجي ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي آهي للي؟
مون سوال ڪيو.

اشوڪ! هي اها قرباني آهي جنهن جي ڏيڻ کان
بهتر- هر غيور مرد پنهنجي جان جي قرباني لاءِ ڏيڻ تيار
ٿي ويندو آهي-“

للي منهنجي مونجهن سوال جو جواب نه ڏيندي چيو
”تون خيال نه ڪر للي شايد آءٌ انهن مردن مان نه
هجان“ مون لليءَ کي تسڪين ڏيندي چيو.

للي مون ڏانهن چمڪندڙ سان ڏٺو ۽ صرف ايترو
چيائين. ”اشوڪ ...! اهو لفظ ڄڻ للي جي دل جي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

ڪمرن مان نڪتو. انهن جي اکين ٻهڪندڙون نظرون
جهڪائڻ شروع ڪيون. مهڪندڙون نظرون ٻه سدا
نظرن جو تعاقب ڪرڻ لڳيون. هاڻي هلندي
جون نظرون سندس ٻنهي وٽ رکجي ويون ۽
هو ”اشوڪ —— مولڪي —— ٻئي آهيان —
منهنجي مٿان جڳ ڪوه همالہ ڪري پيو.
”آغا! اشوڪ مولسان مخاطب ٿيو. منهن جي
نظرون اشوڪ جي رنگ بدلائيندڙ چهري تي سوا
پڇان پڇايو ڏسڻيون هيون.
جيڪڏهن توکي پڪ هجي ته تون هڪ وڏو اديب
آهين ۽ تنهنجي نوڪ قلم مان نڪتل هر لفظ ڪسي
توکي ٻڌڻ وارا هيرن ۽ جواهرن ۾ ... هڪ لاءِ
آهن ۽ تون منهنجي ٻڌي هئي ... سان هڪ
افسانو لکين. اهو افسانو جڏهن اڄ پڙهيو تڏهن مونکي
تن ڏينهن بعد توکي هڪ اداس ۽ افسرده خط
ملي جنهن ۾ صرف اهو لکيل هجي ته تنهنجو افسانو
نا قابل اشاعت آهي. تڏهن تون ئي ٻڌاءِ آغا! ته
ان وقت تنهنجي حالت جهڙي ٿئي. اهڙي
ئي حالت ان وقت منهنجي به هئي. مولڪي پڪڙ
ته ٻلي جي محبت منهنجي لاءِ آب حيات آهي
۽ اهي ڏينهن مولڪي خبر پئي ته ٻلي جي محبت
منهنجي لاءِ تباهه ڪن زهر کان وڌيڪ آهي، واقعي

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪتاب واري سٽ "عورت هڪ حسين ڌوڪو آهي"
سچ لڳي.

مون منهنجي امين ۽ آرزوئن جان حسين و خاشاڪ
ڪري محسوس جي هڪ ڪشتي تعمير ڪئي هئي
جنهن ڪشتيءَ کي مان ۽ آءٌ مڙ دنيا ۾ هلائيندا ٿي
آسين. ۽ اڄ ڪهن منهڌار ۾ اچي مان سونڪي
ڇڏي هلي ويئي ۽ اڄ مان منهنجي ڳالهين سان منهن
جي امين ۽ آرزوئن جي ڪشتيءَ کي پاش پاش
ڪري ڇڏيو. آءٌ مانيءَ کي نفرت سان نٿي ڏيکي
ي رهيس. مان زار زار روئي رهي هئي. مانيءَ جي
ل جو فريب آسن جي روپ ۾ وهي رهيو هو.

عورت جنهن ڌسندي آهي ته منهنجي هر فريبي
نا ڪامياب ٿي وڃي منهنجي هر چال بيڪار ٿي
تي لڳهين عورت منهنجي آسن ڪان ڪم وٺي مرد
ي فريب جي لباس ڪڍ جار ۾ تماشائيندي آهي. مان
عورت هئي. هوءَ به هميشه منهنجي آخر ان هٿيار
ن ڪم وٺي رهي هئي.

"اشوڪ. مان آهون پوندي ڇهو" آءٌ اڄ تو کي
ب ڪجهه ٻڌائڻ آئي آهيان. مون وٽ راڄن جي
حالت آهي."

"هان ----!!؟ منهنجي ڪڍن ۾ جڻ ڪنهن پگهر
ل شهو وجهي ڇڏيو. مون هڪ ڏ ماٺي ڦري ڏ تو

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

نليني بدستور روئي رهي هئي. نلنيءَ جي چهري تي گناهه جي سياهي ۽ عورت جي سياهه ڪاري رقص ڪري رهي هئي. نليءَ جو دلڪش چهرو انهن تي معلوم ٿيو، جڻ سياهه رنگ جي داغن ڏين جو صفحه قرطاس آهي. نلني سنگ سياهه جو هڪ ڳالهائيندڙ بت ٿي معلوم ٿي. نلني چوندي رهي.

”اشوڪ! راڄن تنهنجي دوستيءَ جي آڙ ۾ ئي آءٌ تنهنجي پيار جي پناهه ۾ هڪ ٻئي سان ملندا رهيا. جن جڏهن قدرت اسانجي گناهه جو نتيجو ظاهر ڪيو. تڏهن مون راڄن سان ڳالهه ڪئي. راڄن مونکي ڪتي سان ڪڍ ڪيڏائين ۽ دور ڀڄائي وڃي هلڻ جو ارادو ڪيو. منهنجي آهه و فغان ۽ منهنجي عصمت جي چيخ و پڪار راڄن جي ضمير جي آواز ۾ دٻجي ويون. راڄن کي سندس ستل ضمير ملامت ڪئي؟ هو مونکي ڇڏي پنهنجي نعالي مولوت رکي اڄ صبح جو نامعلوم اطرافن جي طرف هليو ويو. اشوڪ! هينئر جڏهن تون چاهين ته آءٌ ٻي ٿي سگهان ته اهـ..... ته ته ..... آءٌ حوت ڪميءَ جهڙي ناڪرده ارتڪاب جي ملڪ ٿيندس.“

نلنيءَ جون هڇڪيون بعد تي ويون. هن پنهنجو منهن پنهنجي رئي ۾ لڪائي ڇڏيو مون سندس ويران ۽ مفتسر وارن ۾ آگريون ڦيريندي جواب ڏنو.

”توُن خيال نه ڪر للي، آءٌ توکي پنهنجي ٻانهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هميشه چاهي تون ڪهڙي به آهين ۽ ڏکوين به پنهنجي لاءِ تون اها ڀلي ٿي معصوم للي آهين.“

للي ۾ ڪي ساهه وريو. پنهنجي مائٽن کي ۽ پنهنجي شهر کي هميشه لاءِ ڇڏي آءٌ هت هليو آيو آهيان. هتي اچڻ کان پوءِ مون چاهيو للي ۽ سان شادي ڪري آهي ۽ اڃان تائين آءٌ سندس ويجهو ٿي ويو آهيان. للي ۽ جي صحت ۾ اڃان تائين راحت واري ادالت محفوظ آهي ۽ اڄ اهڙا راحت واري ادالت هن دنيا ۾ ايندي آءٌ اڄ بيحد خوش آهيان آغا——!!“

اشوڪ جي چهري تي ڦاٽل مسڪراهٽ کنڊي رهي هئي. اهڙي ئي مسڪراهٽ جهڙي اڄ کان سال ڀر ٻون اشوڪ جي چپن تي محبت جو مجسمو ۽ ٻڌائڻ وقت رقص ڪندو هو ۽ تو واجهه وارو ٻار ڪرائي ڇو ٿا ڇڏيو——؟ مون اشوڪ کان پڇيو.

”چاڪاڻ ته مون کي راحت سان محبت آهي ۽ اڄ راحت جي بدن ۾ گردش ڪندڙ خون مان ئي تيل سندس لعالي مون ورتو آهي ۽ پوءِ جڏهن مون کي راحت جي ياد ستائيندي. تڏهن سندس لعالي راحت جي ڪمري کي روشن ڪري ۾ مون کي ياد ڪندي.“

سامهون واري جڳهه جا زناني هسپتال ۾ معلوم ٿي. اُها ئي جڳهه، وقت هڪ ڪار اچي بيٺي.

”چڱو ـــ! آغا! آءٌ هيڏانهن هلان ٿو. هن ڪار ۾ ليڊي ڊاڪٽر آئي هوندي. آءٌ اُن جي انتظار ۾ ٿي هتي ويٺو هوس.“

اشوڪ هليو ويو ـــ غيور ۽ خوددار اشوڪ هڪ حسين ڇوڪري جي خاطر پنهنجي غيرت ۽ خودداري قربان ڪندڙ اشوڪ هليو ويو.

جلندڙ سگريٽ سڙي آخرين دم توڙيو ۽ آخرين دم توڙڻ کان پهريون سگريٽ منهنجي آڱرين کي ساڙيو هو، مون ڇرڪ ڀري سگريٽ کي پري اُڇلائي ڇڏيو. اشوڪ جي جلندڙ دل مان نڪرندڙ دونهين به مون کي ائين احساس ڏجهائي هئي جهڙي جلندڙ سگريٽ منهن جي آڱرين کي ڏجهائي. مونکي ائين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ ساري دنيا سنگ سياهه جي دونهين مان مرڪب ٿيل هڪ سياهه ۽ وحشتناڪ پهاڙ آهي.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

# غلط فهمي

”اسپيڊ ته وڌاءِ هرڻ لڪندو وڃي......“

”اسپيڊ ڪيئن وڌايان، هيءَ ڪمبخت جيپ اولڊي ٿيڻ کان اڳي ڪڏهن ڪان ڇڏيندي به ته آهي.“ جيپ کي ٿورو ساڄي هٿ ڏانهن ڦير. هرڻ جو رخ ان ڏانهن ٿو معلوم ٿئي......“ ”اهي! اهي ساڄو هٿ ڏانهن! پيو ڪوئي تارو حڪم“ آغا جيپ کي ساڄي هٿ تي آڻيندي بيزار ٿي چيو.

”اڃان اسپيڊ کي ٿورو وڌاءِ. آءُ هرڻ جو نشان ٿو وٺان......؟“

زلفيءَ رائيفل جو بٽ پنهنجي ساڄي ڪلهي ۾ ڦاسائيندي. رائيفل جي لبليءَ تي آڱر رکندي چيو ”خيال ڪجانءِ سامهون ڪجهه ماڻهو ٿا معلوم ٿين......!“ آغا هڪ هٿ سان دوربيني پنهنجي اکين تي رکندي چيو ”تون پنهنجو خيال ڪر جيپ رستو ڇڏي چڙهندي معلوم ٿئي،“ زلفيءَ هرڻ جو نشان چٽيندي چيو.

”هرڻ هيئنر بلڪل نڀر سان آهي. تون گولي هلاءِ......“ آغا دل سڙي دوربينيءَ کان ڏسندي چيو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

رلڻي جهڙو رائيفل جي ٺلهيءَ تي آگر رکيو ٻڌو هو. آغا جا اهي لفظ ٻڌي هن آگر کي ٺاڪ ڏانهن ڇڪيو. ٺلهيءَ کي زور اچڻ سان فضا ۾ هڪ وحشي ٺاڪ آواز گونجيو ۽ گوليءَ جو آواز ٻاٽ صباجي جهولڪن جو سڪ ڏيندو. ڀڄندي وسعتن ۾ گم ٿي ويو. رلڻي هرڻ کي اڏامندو ڏسڻ لاءِ بيقرار هو پر ڪيس ڪهڙي خبر ته سندس گولي هرڻ جي ران مان ٽپار اُن جي پٺيان هڪ سن رسيده عورت جي ڇاتيءَ مان لنگهندي جا هڪ اتان لنگهندڙ قافلي جي فرد هئي جو قافلو انهن ڏهن ماڻهن تي مشتمل هو.

گولي اهيءَ سن رسيده عورت جي ڇاتيءَ مان پار ٿي فضا ۾ هڪ دردناڪ سوالي. سوز و گداز سان لهرائجي گونجي ويئي. آغا ۽ رلڻيءَ جي دلين تي جڻ ڪوهه همالہ ڪري پيو.

اهو ئي ڪجهه ٿيو. جنهن جو آغا کي ڀپ هو. هن کان هرڻ جو خيال ته لهي ويو ۽ ڪين هڪ وحشي خيال اچي گهيريو.

آغا جهٽ جي اسپيڊ وڌائي ۽ ٽن منٽن جي اندر پهچي اچي اهيءَ قافلي سامهون پهتا. جيڪو سارو جو سارو اهيءَ دم ڏيندڙ. سن رسيده عورت جي مٿان جهڪيل هو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”ڪولي هن کي لڳي ———؟ آغا اِهيءَ مجروح عورت مٿان جهڪندي سوال ڪيو.

”ڪولي هن کي ڪٿي لڳي ———؟ ڪولي ته ڪنهن اڻامندڙ هاڻي کي لڳي ———!“ اچانڪ آغا جي ڪنن ڪوئي اسوالي آواز ٽڪرائڻ لڳو.

”جتان اوهين اچي رهيا آهيو. اُتي شايد هاڻي نه اڻامندا آهن ———؟

زلفي طنز نه سمجهي طنز جو جواب زهريلي طنز سان ڏيندي چيو.

”زلفي ———!؟ آغا جوش وچان مجروح عورت وٽان اٿندي زلفيءَ کي ڪاوڙ مان چيو.

شايد ٻنهي دوستن جي زندگيءَ ۾ اهو پهريون موقعو هو جو هڪ دوست ٻئي دوست سان ناراض ٿيو هو.

آغا کي خبر هئي ته زلفي حاضر جواب آهي. ڪنهن جي به طنز سهي نه سگهندو آهي. هو چاهي طنز ڪرڻ وارو ڪير به ڇو نه هجي. ۽ جيستائين طنز جو طنز سان جواب نه ڏيندو آهي تيستائين ڪيس آرام نه ايندو آهي. ۽ هن وقت اهڙي جواب ڏيڻ جو نه هو. جيڪڏهن هنن ٻنهي کي ڪوئي طرح جي لڙائي ڪولي نه هئي ها ته ڪنهن چپ ٿي رهڻو هو. چالاڪ ته هو مجروح هئا جن اڄ اتفاقيه واردات قاتل ٻڌائي ڇڏيو هو. ۽ هن

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

رقص سنڌن زندگي ۽ موت اُنهيءَ ڦاٽلي وارن جي هٿن ۾ هو. آغا ڪاوڙ مان زلفيءَ کي ڪڍي چو ڇاهيو ٿي. هو سندس زبان ڪنهن جواب ڏيڻ لئي هو ور ڏيڪ ڪجهه چئي. ڏسڪهو ۽ زلفي به ڪنڌ هيٺ ڪري آغا جي اڳيان اٿمن بيٺو هو. گويا زلفيءَ آغا جوئي ڪو جرم ڪيو هو.

جتان آواز آيو هو. آغا اُنهيءَ طرف ڦري ڏٺو آغا هڪ اهڙو گل ڏٺو جيڪو هيٺ ڀاڻ نسيم جي جهولڪن جي مدد سان ڏوليو هيو. ۽ قدرت ڪو اُنهيءَ گل کي ناچ رقص ڀهڙو سارو تخيل صرف ڪيو هو.

ڏيکو ڏيکدار نڪ، يا ڦوٽي جيب جن مان لفظ هر گل تي لکيا. ڪتابي چهرو قدرت کان به ڪٿي نه ڪٿي غلطي ضرور ٿي ويندي آهي. تڏهن نه سندس چپ نه هٿ جي برابر هئا ۽ سندس گردن نه اُنهي شيشي جي صراحي جيان هئي جنهن ۾ پاڻي جي بدران هڪ اهڙي قسم جو شراب ڀريل هجي جنهن کي ڇهڻ سان نه پر ڏسڻ سان انسان مدهوش ٿي وڃي. اکيون ته زبون باهر ٿي لڪتل بلڪل وحشي هرڻيءَ جي اکين جيان ۽ انهن ۾ به ڏڪندڙ آنسون صاف پڌائي رهيا هوا ته هو دل جي گهرائي مان کهڻي جد و جهد کان پوءِ اکين ۾ آئيون بيٺا آهن. سندس رنگ

Scanned with CamScanner

۽ سڙهي چاڪي رهي هئي - ور انهن کي معلوم
ٿيا جي ساري ڪائنات جون سياهه دونهائون ڪاٺ ۽ سمهڻهي
جي روپ ۾ سندس مٿي تي ڄم ڄمو ڪندڙن
آغا انهيءَ حسين منظر کي ڏسندي ئي پنهنجا
جا حواس گم ڪري ويٺو.

رضيه--! دم ڏيندڙ عورت سڏ ڪيو.

”اميں--! رضيه پنهنجي مجروح ماءُ کي جهونڊيندي
جواب ڏنو. آغا ۽ زلفي ۽ انهن پهريڪس ٻيئا هوا جي
سندن روح ڪالبن دخصت ٿي چڪو هو.

رضيه! -- رو -- ٿي -- آءٌ وڃي رهي آهيان --“
رضيه جي ماءُ اهي لفظ چئي هن دنيا فاني ءَ مان
هميشه لاءِ بانگ اجل کي لبيڪ چئي ويئي.

رضيه پنهنجي ماءُ جي لاش کي جهونڊي ڏٺي.
سندس سارو منهن پنهنجي ماءُ جي خون ۾ رنگجي ويو.
رضيه پنهنجي ماءُ جي بي حس و حرڪت لاش
تان پنهنجو خون آلوده گردن مٿي کنيو ۽ آغا ۽
زلفي ءَ جي طرف ڏسندي چيائين.

”هاڻ ته اوهين خوش آهيو نه؟ اوهانجو ٻڌان
بالڪل ٺيڪ ثابت ٿيو. اوهان جا حواس ڇو گم ٿي
ويا آهن. اڃان اوهانجي دل نه ٺري آهي. اڃان
ڪائي ڪسر باقي آهي. جيڪڏهن اڃان ڪائي ڪسر
رهجي ويئي آهي ته ڪڍو رائيفل ۽ هلايو مون تي.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

پوءِ بدحواس ٿي ويو. اوءِ گولي اوهان کي لڳي؟
اوهين ڇپ چاپ ڇو آهيو. اوهين ڳالهايو ڇو نه ٿا؟
اوهان نه شڪار ڪيو آهي. اوهان سان وطن کي
اهائي اميد آهي ته جيڪي مهاجر ٿيندي عزت سان
جي السلام لٿائي ٿينديون پياري وطن ۾ اچن ته
اوهين سڀئي قوم کي پنهنجي شوق جو ثبوت ڏيکاريو.
رضيه هڪ ئي ساهه ۾ اهو سڀ ڪجهه چئي وئي
۽ هن پنهنجي دل ۾ ٿي گويا پنهنجون هاڻي رهيون هيون
”رضيه بهتر ته اهو آهي ته تون اهڙي لفظ چوڻ
جي بجاءِ اسان پنهنجي کي گولي سان اڏائي ڇڏ“
آغا چيو.
اسان گولي هن تي نه ٿي، پر هرڻ تي هلائي هئي
زلفي ٿڌو گم ڪرده حواس ڳالهه ڪندي چيو.
”اوهان گولي نه هرڻ کي هنئين پر لڳي هن
کي وئي. شڪاري ڏهاڪائي ٿا معلوم ٿيو رضيه طنزيه
جواب ڏنو.
آغا ۽ زلفي ٻئي ڪاغذي مورتي جيان بي حس
۽ حرڪت بيٺا هوا. هنن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته
کين ڇا ڪرڻ کپي؟ هنن گولي ارادو ڪري ته
هن عمر رسيده عورت کي نه هنئي هئي. پر اها
اتفاق جي ڳالهه هئي جو گولي هرڻ جي بجاءِ رضيه
جي ماءُ کي اچي لڳي. جو ڪجهه ٿيو هو سو ٿي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

ڇڪو هو. مستقبل لاءِ ڪين ڇا ڪرڻ گهرجي ـــ؟ اهوئي ٿي سوچي رهيا هوا. آخر هنن جي سعي ۽ ڪوشش جا لوڙائي اثر هوا. ۽ اهي به جذبات ۽ احساسات کان خالي نه هوا. رضيه جا الفاظ ٻڌي هي ڏاڍين تي زهريلي تيرن کان گهٽ اثر ڪين ڪري رهيا هوا. انهن لفظن کان ته اهو بهتر هو ته. ڪين ڪوئي اڳتي ڇري سان حلال ڪري ها. آخر هنن کان به نه ڪوئي ٿي ها ته سعدن ڏاڍين تي ڇا گذري رهيو هو. هو به ته آخر نوع انسان سان متعلق هوا.

اوهين اسانجي جيپ تي حيدرآباد هلو. هن ڪي به ساڙ کڻي هلو. اتي هلي اوهين اسانجي خلاف مقدمو داخل ڪرائجو. اسين قسم کڻي ٿا چئون ته اتي اسين پنهنجي جرم جو اعتراف ڪنداسين- رقيه* چيو. انهن ته اوهانکي يقين آهي ۽ ته ڪولي اسان دانسته نه هلائي آهي......... آغا موقع جو فائدو وٺندي پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو

آغا هڪ جوان مرديءَ* جو مجسمو هو. جيڪي خوبيون هڪ جوان مرد ۾ هئڻ گهرجن. اهي آغا ۾ ڪافي کان وڌيڪ هيون. وڏي ڪري اپريل ڇاتي سخت ۽ آهنين ٻانهون- رعب وارو چهرو. گهنڊيدار سنهري وار- ڏکڻو قد- نقش ۽ نگار بس ماشا الله خوب هئس. رضيه به هڪ عورت هئي- هڪ اهڙي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

عورت جيڪا پنهنجي ارمانن کي پنهنجي دل جي گهرائن ۾ دٻايو ويٺي هئي ۽ هاڻ هن جي شاديءَ جو وقت قريب آيو هو- پر افسوس گردش گردون هن کي آرام سان ويهڻ نه ڏنو- جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ جو سهارو سمجهندي هئي تنهن کي قدرت پاڻ وٽ گهرائي ورتو هو-

اهو نه نه آغا ئي سهي—! آغا نه هن کان ڪنهن حالت ۾ گهٽ ڪين هو پر ائين هجي ته هر حالت ۾ هن کان وڏيڪ هو. رضيه کي "هن" سان محبت ٿوروئي هئي ڪيس والدين جي مرضيءَ ڪري ساڻس محبت ڪرڻي پئي هئي.

جيئن اسانجي ملڪ جون دوشيزائون والدين جي ٻڌايل راهه تي ڪامزن ٿينديون آهن- چاهي الهيءَ راهه ۾ نشيب وفراز ئي چو نه هجن. چاهي اها راهه ٿورو دور وڃي ختم ٿي چو نه وڃي. پر هو شرط کي پنهنجي زندگيءَ تي ترجيح ڏيئي چپ ، هونديون آهن ائين رضيه به پنهنجي والدين جي ٻڌايل راهه تي هلي هئي. پر قدم رکڻ کان اڳ ئي اها راهه ختم ٿي وئي-

رضيه کي پنهنجي والدين جي مرڻ جو اثر وڏو ڪم نه هو- ڇاڪاڻ ته موت هن لاءِ هڪ عام شئي ٿي چڪي هئي- سندس والده جيلان- رضيه جا ابا عائشه

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

۽ سندس اکيون اڳيان ماريا ويا هوا. هاڻ هن جي
دل آهستي آهستي هڪ ٻئي جو روپ کڻو هو هڪ
اهڙي ٻئي جو روپ جنهن جي مٿان دنيا جي ڪائي
هيءَ ۽ اثر انداز ٿي نه سگهي ۽ آغا هن جي دل
کي پنهنجي محبوب سان ٻارڻ ٿي ملاقات ۽ جهڙي
چاڙهيو - رحيم آغا کي ٻارڻ ڏٺي ڏسڻ سان پنهنجي
ڪئو. چاهي هو خوني هو. ٻار هن جو خون هڪ
الفاڪ جي حيثيت رکندو هو. زلفي ۽ آغا ٻئي قال
جي حيثيت ۾ هن جي اڳيان پيا هوا - ۽ هن جي
دل ٿي چاهيو ته هو ٻوڙي آغا کي پنهنجي ڇاتيءَ
سان چنبڙائي ڇڏي ۽ پنهنجا مظالم کس روئي روئي
پڌائي.

هيڏانهن زلفيءَ جي دل جي ڪشتي طوفان ۾
ٻڏي رهي هئي. هن کي اڄ ڪالهه ڪنهن به عورت
سان محبت ڪرڻ جو موقعو نه مليو هيو. هيو
ٻئي ٻار کان ونيءَ ٿي، عورتن جي خلاف هو- ۽ هن
صحيح نازڪ سندس دل کي موم کان ٻئا وڏڪ
نرم ڪري ڇڏيو هو- هو ٻاڻ کي وڃائي ۽ رضيه
کي حاصل ڪرڻ جي فڪر ۾ هو. پنهنجي سياه وڏين
اکين ۾ آب ام جا ٻه قطرا جهليو زلفي خاموش اٿيو
رضيه ۾ جاذب تمڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

”اڙهائي ڪروڙ آزاد آهي — ؟ اسان سان هلندو
ڇا —— ؟“

آغا آهستي سوال ڪيو.

”اوهين خيال نه ڪريو اسان ۾ اڃا ٿوري گهڻي انسانيت باقي آهي ——“

آغا هن جي دل جو سوال سمجهي چڪو ٿي. اپريل جذبات سان ڀرجندي جواب ڏنو.

”۽ هي هڪ ڳالهه جو ته معلوم نه آهي، آخر آئون ڪيترا ڏينهن اوهان وٽ رهندس“ رضيه سوال ڪيو.

”جيسين اسان ۾ انسانيت باقي آهي“ آغا جواب ڏنو.

آغا جي انهيءَ جواب رضيه جي دل تي گهرو اثر ڪيو. جو ڪجهه هن چاهيو ٿي. سو کيس پنهنجي گهر جي ماڻي رهيو هو. کيس پنهنجي مستقبل جي تاريڪ غار ۾ هيڪڙي ٿوري روشني نظر اچي رهي هئي. هن وقت کيس اهو معلوم ٿيو ته دنيا ۾ ڏک ۽ غم جو صرف ٻالوئي آهي. هن جي نظر ۾ ڏک ۽ تڪليف جو وجود ئي هن دنيا ۾ بي بنياد هو.

رضيه جو هن دنيا ۾ ڪوئي ماڻهو ڪونه هو. هن کي خبر نه ٿي پئي ته هو پاڪستان ۾ ڪٿي وڃي رهندي ۽ ڪيئن پنهنجي زندگي گذاريندي. آغا کيس ساٿ ڏنو. رضيه چاهيو ته وڃي آغا جي پيرن کي چنبڙي سندس شڪريو ادا ڪري پر شرم کيس روڪيو.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

ظاهري نه هن آغا جو شڪريه ادا نه ڪيو- پر سعديس دل آغا جي دل جو شڪريه ادا ڪيو. سعديس دل آغا جي دل کي ڇهيو.

”آغا! تون ڪيترو نه فراخ دل آهين ——— !!!“

آغا جي دل رضيه جي بيتاب دل کي سمجهي سان لڳايو. ٻه دليون هڪ ٻئي جي دلين جي ڌڙڪن جو مطلب سمجهي ويون. ان وقت فرط مسرت وچان رضيه جي اکين ۾ ٻه ناياب موتي لڙڪڻ لڳا. آغا جي اکين رضيه جي اکين جو زبان بي زباني وارو پيغام سمجهي ورتو. ٻنهي جون اکيون- ٻنهي جون ڌڙڪندڙ دليون مطمئن هيون جو ڪجهه هنن کي زبان سان چوڻو هو. سو سڀ ئي اکين هڪ ٻئي کي چئي ڇڏيو. رضيه هن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ هر حالت ۾ تيار ٿي ويئي-

زلفي رضيه جي الهڙ ڇهر ٻولڙ ۾ ائين غوطا ڻ لڳي ويو جو کيس سمجهڻ حد نظر تائين ڪوئي ڪنارو نظر نٿي آيو- ۽ زلفي چاهيو به ائين ٿي ته هو الهڙ ڇهر ٻولڙ ۾ ائين گم ٿيندو رهي ۽ زندگيءَ ڀر کيس ڪوئي ڪنارو نظر نه اچي- زلفيءَ جي رڳ رڳ ۾ عضوي عضوي ۾ هيئنر رضيه سمائجي چڪي هئي- هن جي دل جي هر ڌڙڪن مان ”رضيه ——— “ رضيه ——— “ آواز ٿي اڪتيو.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

"پوءِ اوهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟" آغا سوالي نظرن سان ڏٺو "هن دنيا ۾ منهنجو ٻيو ڪوئي ڪونهي- جنهن وقت وڃي آءٌ منهنجي زندگيءَ باقي ايام گذاريان" رضيه هڪ ئي دم ۾ جواب ڏنو انهن الفاظن آغا کي هڪ نئين زندگيءَ جي آس جو پيغام ڏنو. هن جي دل خوشيءَ وچان جهومڻ لڳي- سندس دل سمنڊ جي ڇوليءَ کي ڇپري لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي.

"پوءِ اوهين وڃو جيپ ۾- لاش به اسين رکون ٿا" زلفيءَ منهنجا حواس درست ڪندي چيو.

لاش جو نالو ٻڌندي ئي رضيه جي دل مٿان وري غم جا بادل ڇانئجڻ لڳا. چاهي هن کي زندگيءَ اهڙي شيءِ ملي هئي جنهن جي هن کي ڳولها هئي. انهيءَ شيءِ جي ملڻ سان هن کي هڪ قرباني ڏيڻي پيئي- ماءُ جهڙي املهه شيءِ جي- رضيه روئڻ ڪندي منهنجي ماءُ جي بيحس و حرڪت جسم کي چنبڙي پيئي.

"وقت سان مرحومه جي روح کي تڪليف ٿيندي" زلفيءَ رضيه جي شڪسته دل جي ٽڪرن کي جي الفاظن سان گڏ ڪندي چيو.

"هن جي ڪفن وغيره ۾ دير لڳندي- انهيءَ ڪري اوهين دير نه ڪريو" آغا جواب ڏنو "اوهين

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com

کي ڪٿي دفن ڪندا ـــ؟" رضيه روئڻ کي جهليندي
سوال پڇيو "حيدرآباد ۾ لاش پهچڻ نه ڏيندس؟"
رضيه چيو.

"جتي اوهين حڪم ڪريو، اسين اتي لاش
کي دفن ڪنداسين ........" آغا کيس فرمانبردار
پٽ جيان جواب ڏنو.

"لاش کي هتي دفن ڪيو وڃي ......" رضيه
حڪم جي انداز سان جواب ڏنو "هتي ........!!؟"
زلفي تعجب مان پڇيو

"ها ...... هتي ئي ..." رضيه پڪين ڏيندي چيو

"آخر ڪوئي سبب به ته هوندو ......" آغا معصوم
انداز سان جواب ڏنو

"ته جيئن دنيا کي خبر پوي ته وطن جي فرزندن
خانه بربادن کي پهچڻ جي شوق جو تماشو آهي. کين
کين آبادي ڏانهن به پهچڻ نه ڏنو.

رضيه جي انهن الفاظن زلفي ۽ آغا، ٻنهي جي
دلين کي مجروح ڪري ڇڏيو هو جيڪڏهن زلفي
کي اهڙي ڳالهه جو پهرين هجي ها ته هو ڪنهن لڏو
ڪري ته سڀ کان پهرين هو رضيه کي ۽ پوءِ پاڻ
پاڻ کي گولي ڏي جو تماشو بڻائي ها. جيڪا هن جي
مجروح دل کي فڪر لسان سان وڌيڪ مجروح ڪري
رهي هئي. هن اهڙي زهريلي طنز لئي موت کي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com

ٻه جڻا لڳي ڏني. هاڻ هو ڪوئي به چالي سگهيا. هو
وقت کين هر سزا برداشت ڪرڻ جو جذبو ٻاهر ...
ڪم آيو هو. ۽ ممڪن آهي ته رضيه به سعدين گناهه جي
سزا اهائي ڀوڳي هجي. جهڙا هو ۽ کين ڏني وئي رهي
هجي آخر هو مجرم هئا. جڏهن هو مجرم هئا ته ڪي
سزا کان انڪار ڪرڻ جو حق ئي ڪٿي حاصل هو
هنن گهڻي ڪوشش ڪئي. ٻاهر گهڻي ڪوشش ڪئي
ته به هنن جون اکيون آنسوئن کان رهي نه سگهيون.

"جيئرو، اوهان جي مرضي —"! آغا ٻڌي آ...
ڪري ضبط ڪندي چيو "زلفي! تون هتي رهه
ٻه سان ڪيهو شهر مان ڪفن ۽ مزورن جو بندوبست
